

صوفي محمد پريل سومرو

سهيڙيندڙ حاجي فقير عبدالحميد سومرو درازي

Scanned with CamScanner

هو حق موجود　　　　هو سدا موجود

بسم الله الرحمٰن الرحيم

يار ٿل مون گهر اچي، هڪوار ڪر لهڙو لوي
وصل جون واديون ڪلن، ٿئي حج هيءَ ڪر اڪبري.


بياض

☆☆☆☆☆☆☆☆☆☆

صوفي پريل فقير

سودائي سومرو

حاجي عبدالحميد سومرو (درازي)



جاني جدا ٿي وڃين هتا پائي ٻڪ
گهوري عبدالحميد توتان لک جي موتي اچين منهنجا مٺا

☆☆☆☆☆☆☆☆☆☆☆☆

سنوارينڌڙ و شايع ڪرائينڌڙ

الفقير الـي الله (حاجي عبدالحميد سومرو (درازي)

Scanned with CamScanner



انتساب

ميڪنم آغاز اين مڪتوب را
جان داده بردلم محبوب را
روشنائي بحر اشجر ها قلم-
در صفت آن شهه نمي آرند دم

صوفين جي سرتاج شهيد في سبيل الله شاهه عنايت الله رحه جهوڪ (ميرانپور شريف) جي موجوده سجاده نشين حضرت صاحب ڪريم اصوف عطاالله صاحب) مد ظله العاليه جي نام نامي اسم گرامي ڏانهن منسوب ڪند نهايت مسرت حاصل ڪيان ٿو. جنهن جي فيض بشارت لکين دلين کي صراط مستقيم تي هلڻ جي توفيق بخشي. سندس صحبت اڪثير مون جهڙ سياهڪارن لاءِ ٻاٽ ۾ لاٽ جو ڪم ڪيو.

گرقبول افتند





احقر العباد من عباد الرحمٰن

حاجي عبدالحميد سومرو درازي

(مرزاپوري حال خيرپور ميرس

1-10-2005ع

Scanned with CamScanner

فقير محمد پريل صوفي ستاري، جي مختصر سوانح حيات

سنڌ جي ڌرتي تنهن ۾ خاص طور ضلع شڪارپور جي ڌرتيءَ دينيءَ علمي، ادبي، سياسي، سماجي، ثقافتي ۽ صحافتي ميدان ۾ مثالي خدمتون سرانجام ڏنيون آهن. هن باوقار خطي بين الاقوامي سطح تي شهرت حاصل ڪندڙ شخصيت حضرت مولانا سيد تاج محمود امروٽي، صحافي ۽ عالم مولانا دين محمد وفائي، دانشور اي ڪي بروهي صوفي فقيرن ۾ سيد فيض محمد (فياض انباهي، بيدل فقير کي پڻ جنم ڏنو آهي. اهڙن برگزيده بزرگن جي لسٽ ۾ تعلقه ڳڙهي ياسين ضلع شڪارپور جي ننڍڙي ڳوٺڙي رمضان اڄڻ ۾ فقير صوفي محمد پريل سومرو جو نالو ذڪر جي لائق آهي. فقير غلام الرسول سومري جي گهر ۾ هن فقير جي ولادت سن 1934ع ۾ ٿي.

تعليم: ديني تعليم مولوي حاجي يارمحمد سومرو ۽ مولوي محمد مبارڪ جندو ديرو وٽان حاصل ڪيائون.

فائنل: 1945ع

ملازمت: استاد 1946ع کان 1961ع هيڊ معلم مسلم اسڪول اڄڻ 1962ع کان 1980ع تائين مختلف اسڪولن ۾ پرائمري استاد ٿي رهيا.

بيعت: تصوف هڪ باطني علم آهي. جو سيني علمن جو مغز آهي نفس مارڻ حواسي لذتون ڇڏڻ، ترڪ اختيار ڪرڻ، غير ڏانهن توجهه نه ڪرڻ، دين جي حفاظت ڪرڻ مطلب آهي ته تصوف آهي خدا پاڪ جو قرب حاصل ڪرڻ ۽ صوفي سر آهي يعني خدا جو مقرب.

تصوف جو بنياد مسجد نبوي کان شروع ٿيو. حضور انور ﷺ جن ان جا حقيقي باني آهن.

حڪم خداوندي آهي ته فاما تينڪم مني هدي فمن تبع هدي فلاخوف عليهم ولاهم يحزنون.

يعني منهنجي طرفان هر زماني ۾ هدايت ايندي رهندي. ساري دنيا جي اصلاح جي ذميواري الله پاڪ تي آهي ان ڪري انبياءِ ڪرام موڪلياءِ ئين. انهن کي هدايت وارا ڪتاب ڏنائين آخر اهو سلسلو به حضور انور ﷺ جن تي اچي ختم ٿيو ۽ پوءِ اهو سلسلو صحابن کان امامن کان، عالمن، صالحن بزرگن اولياءُ الله تائين اچي ٿو. عارف اولياءُ حضرت سيد عبدالملڪ شاهه بيجاپوري رحه جي فاضل طالب سنڌ جي سرتاج صوفياءِ حضرت شهيد في سبيل الله شاهه عنايت الله قادري جهوڪ ميران پوري جي جاري ڪيل فيض سان سنڌ ۾

درگاھ جي سجاده نشين. صوفي الحاج غوث محمد ارشاد عباس ستاري سان:........ سان بيعت ڪري تن کي تسبا ڏيڻ باخدا بزرگ بڻجي پيو.

مشخاڻ جو قيام: بيعت بعد پنهنجي مرشد جي حڪم سان ڳوٺ بخشو اجڻ ۾ 1961ع ۾ مشخانو قائم ڪيائون جنهن ۾ هر جمع رات جونڪي ڪنده هئا. پاڻ فرمائيندا هئا ته قرآن مجيد ۾ صلوات الوسطيٰ جو حڪم آهي ان ڪري پاڻ به ان تي عمل ڪندي نماز عصر باقائده پڙهندا هئا ۽ ٻين کي به تلقين ڪندا هئا ۽ پوءِ عصر کان وٺي مغرب تائين راڳ ويراڳ ڪندا هئا سندس مشخاڻ ۾ سندس مرشد سائين ارشاد عباس رحه ۽ موجوده سجاده نشين صوفي عطاالله ستاري ۽ سندس اولاد ۽ فقير ايندا رهندا آهن.

سير سفر: ٻين سير سفرن کان علاوه هن بنده ناچيز کي سال 1968ع ۾ سيوهڻ شريف، لڪي شاهه صدرالدين، چشمه، ٽنڊو محمد خان، بلڙي شاهه عبدالڪريم، جهوڪ شريف ۽ حيدرآباد جو سفر ڪرايو دوران سفر مختلف فقيرن، درويشن، درگاهن ۽ آثارن جا منظر پڻ ڏيکاريائون.

دوست احباب: فقير امام الدين وڪڻ، عمدل فقير، ڪينهر فقير، سيد ولايت شاهه، يسين شاهه، فقير رب ڏنو سومرو، حاجي عبدالحميد سومرو، سيد چيزل شاهه، تيمور شاهه، پنهل فقير، مستري محمد عظيم، فقير گدا حسين اچي وڃن ٿا.

شاديون ۽ اولاد: ڪين ٻه شاديون هيون. پهرين گهر مان ڪيس چار پٽ هئا جيڪي ننڍپڻ ۾ وفات ڪري ويا ۽ ٻه نياڻيون.

ٻئي گهر مان صرف هڪ نياڻي، جيڪي سڀ با اولاد آهن بلڪ ڪيس نرينه اولاد نه هيو.

راڳ رنگ: پوءِ سنڌو مون کي باب ميان، صورت سهڻيءَ آ سمجهايو پاڻ راڳ رنگ جي باقاعده سکيا. استاد ولي محمد جمالي ويٺل ڪوٽ مير محمد ضلع خيرپور کان ورتائون.

شاعري: فقير صاحب جي شاعريءَ جا ٻه حصا آهن.

1: مجازي ۽ ٻيو 2: حقيقي

جڏهن ڪين حقيقي عشق جي لنو لڳي وين تي پوءِ مجازي عشق واري شاعري جا ورق واري جڏيائون. (سازي جڏيائون ۽ پوءِ اصل ڪونه ڳائيندا ۽ پڙهندا هئا. باقي جيڪو سندن شاگردن کي ياد هيو سو ڪي قدر ڪوڇنا ڪري لکيو ويو آهي. (جيڪو تمام گهٽو هو) باقي حقيقي قلمي صورت ۾ بياض

آهي جنهن کي ڇپڻي لکيو ويو آهي. جنهن ۾ تصوف جا راز ۽ رمزون نمايان نظر اچن پيون. حمد، نعت، بيت، ڏوهيڙا ۽ ڪلام آهن.

سندس راڳي شاگرد: فقير آدم اڄڻ، حسين بخش فقير، محرم علي اڄڻ ۽ ٻيا اچي وڃن ٿا.

ڏي ڏونگر کو ڏس، وڃي ڪهڙو وريا ڳس،
انهيءَ راهه سان ٿيان مان روانِي.

وصال: فقير صاحب جي اوچتو طبيعت ناساز ٿي پئي. شڪارپور سول اسپتال ۾ کين داخل ڪرايو ويو. ٻن ڏينهن بعد 9 شعبان المعظم سن 1400 هجري مطابق 23 جون سال 1980ع بوقت نماز مغرب هن فاني دنيا مان دارالبقا ڏانهن راهي ٿيا.

ابدي آرامگاهه: ماندي مليرءِ ڏي ويندي، وڃي مارن ملندي
وڃي مارن ملندي سارو سور سلينديِ.

ڳوٺ جي معتقدن کي پاڻ ٿورو وقت اڳ ۾ چيو هئائون ته اوهان ۽ اسان جيئن هت گڏ آهيون. وفات بعد ۾ ائين ئي ڪٺا هجئون.

ان تي انهن کي اها ڳالهه نهايت پسند آئي ۽ وڃن ڪيائون ته ائين ئي ڪنداسون. پوءِ سندن مشخاڻ جي اوڀر طرف. هڪ زمين ٻردڙي تي جتي وڻ ٻڻ هئا منتخب ڪيائون.

جڏهن سندن وفات ٿي ته اتي ئي کين مدفن ڪيو ويو ۽ پوءِ انهن مان جيڪو به وصال ڪري ٿو کين اتي ئي جڳهه ڏني ويندي آهي. جن ۾

1: فقير غلام رسول 2: فقير محمد وريل 3: حسين بخش فقير، 4: فقير چنل وغيره.

فقير صاحب جو ساليانو ٻارهو مبارڪ ساڳئي ئي تاريخ تي اتي ئي هر سال نهايت عزت و احترام سان ملهايو ويندو آهي. ساري رات صوفيانو ڪلام پڻ ڳايو ويندو آهي. پري پري کان سندس محبت وارا فقير ڪهي ايندا آهن. هينئر ان سلسلي کي سندس ٻائيٽو فقيرؒ علي احمد جاري رکيو پيو اچي. سندس مزار تي وري فقير رجب علي فقرائي منتقل ڪيو ويندو آهي.

بنده عاجز کي کين صحبت جو شرف حاصل هيو.

محقق و ناشر
حاجي فقير عبدالحميد سومرو (درازي)

Scanned with CamScanner

نعت (1)

واه شان رسول عربي قرآن ۾ ثابت آ بيان رسول عربي

انا اعطينا آيت تنهن تي الله ڪئي آ عنايت

اچي ناتو ڪلڻ سان راحت نشان رسول عربي

جنهن تي الله خود عاشق منس رب جو وڏو لائق

جبريل جهڙو به ملائڪ دربان رسول عربي

اڄڻ ۾ آ اداسي تو پريل پڪاري پياسي

آهي ناتو سنڌس جو آسي امان رسول عربي

حاجي فقير عبدالحميد سومرو
درازي
موبائل نمبر 0333-3510750

Scanned with CamScanner

نعت بحضور سرور ڪائنات (2)

دل سان درود پڙهو محمد مٺي تي اسان عاجزن جو آڌار آهي
محبت سان مؤمن پلپل پڪاريو مولا سندو سوڻي مٺار آهي

1

خاص خدا جو آهي دوست دلبر پڙهي ٿو صلواتون مٺس پاڻ پرور
ساريءِ خدائيءِ ۾ آ سالار سرور مڙني مرسلن جو مهندار آهي

2

الله ڪيو آدم مٽيءِ مان پيدا ڪيا ڪيئن ملڪن سڀن تنهن سجدا
ڪيو عار ابليس اهو لعنتي لعين آ هر جاءِ اهو ٿيو شرمسار آهي

3

آدم حوا ڪان جڏهن ٿيو جدا هو محابي محمد جي ملايو جدا هو
سڀني نبين ۾ نور الهديٰ هو محمد مڙني جو مددگار آهي

4

ڪيو قرب قادر اسان امتين تي آيو لي آ رحمت اسان عاصين ذي
آهي آسرو اسان سڀن عاجزن کي سو شافع محشر جو شفادار آهي

5

سوداڻي سيد تي پڙهه تون صلواتون محابي محمد جي ٿينديون سڀ سڦايون
مڙني معاف ٿينديون ڪيم جي خطائون ولسرف وارو اقرار آهي

Scanned with CamScanner

ڪافي (3)

ٽوڙٽون لکيل جنهن جي مقدر ۾ جو آهي
هر ڪو لکي پنهنجي سان ٿو پاڻ سپائي

1

هي عمر جي ڪهاڻي آ لکي ڪونه سگهان ٿو
ڪونهي حال پائي ڪنهن کي جڻي ڪونه سگهان ٿو
ڪونهي ڏوهه ڪهين جو ٿي تقدير پلائي.

2

ڏس رانجهن ڪيئن مرلي ڪٽي جوڳي بڻيو هو
ڏس سهڻي ڪيئن ٻيوس رهي پيلو ڪنيو هو
ڏس ڪير پيو سسئيءَ کي ٻنڌرا ڪرائي.

3

ڏس دارا سڪندر ۽ وڏا شاهه گدائي
هر هڪ جي مقابل ۾ تقدير سمائي
ڏک ٻه فنا سک ٻه فنا ڪونه بقائي.

4

پريل ادا عشق کي اظهار ڪري جڏ
انڪار جڏي عشق سان اقرار ڪري جڏي
نصيبن جي آهي بازي ندڪو پاڻ بنائي.

Scanned with CamScanner

ڪافي (4)

بيوس نہ رھہ تون دلاوي آ بيوفا زمانو
هو ساھہ ھر جسم ۾ لالچ جو آ بھانو.

1

ڪنھن جو نہ خير خواهي ڪڏهين ڪوئي بڻي لو
مطلب رهي لو جنھن ۾ سڀ ڪي سوئي وڻي لو
ڳالهيون ڳٽي سهڻي لکيم سچو بيانو.

2

هزارين ڪري ڪو حيلا ڏاريو نہ پنهنجو ٿيندو
سک ۾ آ ساٿي سڀڪو ڏک ۾ نہ سڏ ڪو ڏيندو
ڪجهہ ڏيان ڏارج دلاوي رک ياد هي فسانو.

3

اڄڻ ۾ چاهي تنھنجو وڃي پيار لھہ تون پنھنجو
وٺ واٽ تون وندر جي ڪر پنڌ پنھنجو سھنجو
سڪ جو ھڏي تون سندرو راهي ٿجانہ روانو.

4

پريل لکيو جي هوندو قسمت ۾ سوئي پوندو
مقدر جي بات ڪان ٿي هرگز نہ ڪوئي بچندو
هوندو جي سنگ دل جو سوهي ٿيندو پروانو.

Scanned with CamScanner

ڪافي (7)

ڪجھ قياس نہ ڪر سچ سهڻن تي
من محب جو ماندو آهي روڪ قهر جي ڪرڻن کي

1

هڪ لڪ لوهڙ جي لاٽ آهي ٻيو تيز تکي تنهنجي چات آهي
نيون رونيءَ رلي جي هاڪ آهي جوئون جاڪ ڏئين تو جرڻن کي

2

قياس نہ ڪرني ڪوسيءَ کي آهي هوڏ مان ٻيڙو هر تو ڪاهي
وارو آ جلدي ڏم مچائي لوڪيو ليرائي تو تارن کي

3

نازڪ آهن نيڻهن نهوڙيا پير پاٿيءَ ۾ جن اچي ڪوڙيا
زلف پيشي تن جا ٻوڙيا سڪ ناهي ڪو سجڻن کي

4

حال ڏسي سهنجو هنيان سڙي تو قياس نہ سودائي ڪنهن کي پوي تو
روح جوڙ ڪان ڪين رهي تو آهيان اداسي اجڻن ۾

Scanned with CamScanner

ڪافي (8)

ڪنهن بي وفا سان ڪڏهين اصلي نہ دل اڙايو
قاسي وجو جي ڦند ۾ هڪدم قدم هٽايو

1

ڀيرين آ هيء نشاني زرجي وڻي زباني
منهن کي ملائي منهن سان، دلڙي ڪرن ديواني
تيتر هوندا توهان جا ڪيسو جڏهن ڪيايو

2

ڪيسو جڏهن ٿيو خالي عاشق بڻيو موالي
پاسا ڏيندو پيو وتندو حالي نہ ڪو حوالي
دل کي هزار ڏڙڪا سچ پٺي ڀين ڀڏايو

3

هڪ کي ڏئي دلاسو سودو ٻئي سان خاصو
ڏينهن ڏيڍ ۾ گذاري تنهن تي رکن ارادو
اهڙا اٿو قهاري نخرن ڏي نہ نهاريو

4

سهڻا آهن شڪاري دنيا آ جن آزاري
سڀ ڪنهن کي هيء حقيقت معلوم آهي ساري
دل جو بخار دل ۾ ڏينهن رات آ سوايو

5

سودائي اصل انهن جي ويجهو ڪڏهن نہ وڃجانہ
هن حال کان تون سڀ کي واقف ڪندو پيو رهجانہ
تہ ظالم حسين آهن تن ڏي نہ رک وڌايو.

Scanned with CamScanner

ڪافي (9)

ڏي ڏونگر ڪر ڏس ولي ڪهڙو ويا ڳس
انهيءَ راهه سان ٿيان مان رواني

1

ڏي آسمان خبر رڻ راهه پتر ويو ڪيچ پنهل ڪهڙو ڏوهه ڏمر
راز رس سان ويو. يا ڏيرن ڏاڍ ڪيو نظر ڪانه اچي ٿي ڪا نشاني

2

خبر ڪانه ڏنئون چوري چوريءَ نيئون ڍوهن ڍوهه ڪري جني ڏار ڪيئون
موٽي مور نه ويندس سر ساهه ڏيندس پنهنجي پنهل مٿان ٿيان قرباني

3

هي سوال آهي مڃ منهنجو خدا جيئري جانب ڪان ڪر مون نه جدا
ڪامي ڪيچ رسان پنهنجو پنهل پسان جنهن لاءِ جبل جهاڳي ٿيس جوڳياڻي

4

سودائي سڪ ۾ منهنجو پلي ساهه وڃي در ڏار پنهل ڪان لو ڪين رهي
قسمت آهي چڱي ڏسندس پنهل وڃي ٿيندي راضي وڃي هيءَ روحاني.

Scanned with CamScanner

كافي (10)

دلبر لاءِ نه دير ماندو منڙو تو واجهائي

1

ساعت هڪڙي ڪين سري ٿي درد پري دل دانهون ڪري ٿي
محبت مهارون ڦير.

2

نينهن اوهان جي ڪير آهي نانگو
سهڻا سر جو لاڳو سانگو
شوق ٻڌايو جير.

3

ايندا اڳڻ تي جڏهن مون جاني
ڦيندي شاد دلڙي ديواني
برهه وڃي ٿي پير.

4

جانب جڳ ۾ ٻيو نه ٻانيان
صورت ورد سيني سمايان
سهڻا تو ۾ سير.

5

پريل پرين هٿ پاٿهي ايندا
درد ونڊيڻ ڪي دلاسو ڏيندا
قرب ڪندو ٻيو ڪير.

ڪافي (11)

يار شل مون گهر اچي هڪوار ڪو لهندو لوڙ
وصل جون واديون ڪلن ٿئي حج هيءُ ڪو اڪبري

1

حيف تن جي حال تي جيڪي يار کان ٿيڙيون پري
سڪ وارن جي ڪيشن سري جند جان جنهن سان جيءُ جڙي

2

قرب ڪوجهيءَ تي ڪري ايندا اڱڻ منهنجي دلڙي ڀري
وصل جو وارو وري معراج واري سا گهڙي

3

لاتقنطو من رحمت الله عاصين سان هي اقرار آ
رحم وارو يار آ وجي پت پريل تنهن سان پڙي

4

پريل پرين هٿ پاٿهي ايندا درد وندي کي دلاسو ڏيندا
قرب ڪندو هير ڪير.

Scanned with CamScanner

ڪافي (12)

تنهنجي حسن ڪيو حيران هي سر ساهه ڪيان نيلام

1

عين اوهان جا آهن عجائب مارن تير تمام

2

سهڻي صورت سيني سماڻان تنهن کي سجدو سلام

3

ساعت ساعت ۾ سير عجيبان ماندو مست مدام

4

ورد وظائف هاديءَ حق جا هردي هل هاگام

5

هادي هدايت ڪر ڪا عنايت ازلي عشق انعام

6

رهبر تو ۾ رمز حقيقي حيرت جو نہ حشام

7

سخي سوالي ويندو نہ خالي اهڙو اٿن انجام

8

رهبر راهه حقيقي ڏيکاريو غافل ڇڏيو نہ غلام

9

قرب ڪيهريون روح ۾ رهبر هادي عشق امام

10

پريل پينار آقا اوهان جو سهڻا اوهان جي سام

ڪافي (13)

منهنجي پنهور ڪان بس ڙي اديون مان ڪيچ پنهل ڏي ويندس ڪاهي

1

ساعت ساعت ۾ سور ٿا سنجرن نينهن جون نوڪان نازڪ نسرن
عشق اولانبا اوڪا اپرن سڪ ٻڌايم سندرو ساهي

2

گوندر غم ۾ چڏي ويا چوري جانب ريهه آ جهجهن ۾ جهوري
عشق عجيب ۾ مٺي ته گهوري سهڻي جي هيءَ سار آهي

3

بار برهه جو سر تي آيم چشمن سان چمي مان چايم
پيچ پنهل سان پختو پايم لنو لنو ۾ ويا لنوائڙي لائي

4

ٻڪ آ پنهل ۾ ڪين ڇڏيندو گرلي پنهنجي نيٺ گڏيندو
هيءَ ته نمائي نال جو نيندو وهلو ايندم واڳ ورائي

5

ور پنهنجي لڏ ووڙيندس مان ڏونگر ڏک سان ڏوريندس مان
حال حبيب سان اوريندس مان پريل پرينءَ جا پنڌڙا پڇائي.

Scanned with CamScanner

ڪافي (14)

اڄ اچي اهڙيون اچانڪ قرب وارن مون ڪيون
هينڪڙو پسي حيران ٿيو وايون ته ڀيون وسري ويون

1

عشق عجائب اوحتو نيڻن سنڌا نشان ڪيا
نازڪ نظاري نيڻهن واري جون لڳيون نوڪان نيون

2

جوت جمال حسن حضرت موج جي مشڪان ۾
پسي پيالو ٻه پياسين چاهه مان ڇڪيون ڇڪيون

3

صورت سهڻي يار جي ڪيو ملڪ آ اونهون اندر
ثابت صفا تي سير ۾ جڙهيون سانگ تي سهسين سريون

4

پريل پسيو جن پاڻهنجي وحدت منجهان واهه جو وصال
تن سنواري سريون ثابت سولي، مثان آهن سنيون.

Scanned with CamScanner

ڪافي (15)

ڪوهہ ۾ پئي ٿي ڪانگ اڏاريان آري ڄام اڄيج ميان
آري ڄام اڄيج ميان سهڻا سنڌڙا سڄيج ميان

1

هن تي دلڙيءَ سان روهہ ۾ سهڻا سائي ٿيج ميان

2

مهڻن ماري آهيان مٺيءَ ڪان منهن نہ مٽيج ميان

3

ور ولهيءَ جا ور تون ڪيچي قرب ڪريج ميان

4


منهنجا عيب اوڻايون ڍڪڻ ڏٺي نہ ڍڪيج ميان

5

ووڙج ويهہ ۾ ويسلي لوچي لوچي لهيج ميان

6

پريل نيندا پاڻ سان ڪرهي ڪمائي ڪيج ميان.



Scanned with CamScanner

ڪافي (16)

اچي محب منجهه سان راهه پر رس
هيءَ حال هيٺي جو پاڻ تون بس

1

تنهنجي درد هجر ير دانهون ڪيان ايڏي جاني جدائي ڪيٺن مان سهان
تنهنجي محبت لٺ لي ماندي مران هلي ڪوڙ ولهيءَ جو ڪوٺي وس

2

تنهنجي تاب حسن جو تير لڳو بي چين ٿيس آرام ڀڳو
تنهنجي سورن سوريو يار سڳو سوا تنهنجي ناهي ڀيوحارو جس

3

آءُ تو عجيبا آسڻ ڏي هن وره وڪوڙيءَ ويراڳڻ ذي
هن ڏور ڏکيءَ ڏهاڳڻ ذي ويئي گهوٽ نهاريان تنهنجو گس

4

هن راهه رليءَ سان ساٿي ليندو وٺي نينهن نماٺي نال نيندو
پريل پياسڻ ڏي پرين پاڻ اهندو شال پوندو پرينءَ کي ترت ترس

Scanned with CamScanner

ڪافي (17)

ري هوت هتڙي اديون منهنجو جاهي
پنهنجي پنهل ڏي ڪيچ ويندس ڪاهي

1

جڏيون جدائي، جي، منهنجو جهوريو سهڻي جي سڪ ۾ سر ويو نه گهوريو
ڪيو نينهن نادان نازڪ نهوڙيو هٿي هٿي وڇوڙو ٿو منهنجي جان جلائي

2

جتن جاڙ ڪيڙي ڪجهه نه چيائون ڪري هيڪل هتڙي چوري چڙهائون
راتو رڻ رلي، ڪي پاڳي ڏنائون پون پور پلپل نا وائون واجهائي

3

بچي بند بيرا پرين ڏي ويندس اوڏو عجيبن سر ساهه ڏيندس
ٿيندو هوت حامي قدمين مان ڪرندس مٿي سان مولا ٿل محب ملائي

4

پريل پاڻ ايندو جتي نه چڙهيندو آهي پڪ پنهل ۾ گولي گڏيندو
هن نه سڪي، ڪي سهڻو پاڻ سڏيندو سارو حال چوندس سرڙو نوائي.

Scanned with CamScanner

ڪافي سر پيروي (18)

هٿي هٿي سهڻن جي جهوري ٿي جدائي
سڪ آ سدائين محبت منجهائي

1

پرين پلڪ هڪ گهڙي گهندر تو گذري هتڙي رهڻ مون مشڪل تو نظري
طعنن تپائي هولن هٽائي

2

ور ڏي ويندي ويو ساهه منهنجو سرتيون تڏهن ٻه ٿيو پنڌ سهنجو
وٺي ڪين واٽي جيئڻ اجائي

3

ڇوري ڇپر ٻر هيڪل ڇڏيائون ويندي ولهيءَ کي ڪن نه ڪيائون
سورن ستائي ورهه وسائي

4

وڏڙيندي ور کي ڪندس وس واڪا پون من ڪوهياري ڪن ڪرڪ ڪاڪا
ڪامڻ ڪپائي رڻ ۾ رهائي

5

پريل پرين جي ڪيون روح رهائيون ڪري ياد تن کي اهڙن اماڙيون
پنلءِ پلائي سهڻن سيبائي

ڪافي (19)

آيو عشق اديون وڏا ناهہ ناهي ڪري چوهہ شاهي سوين رنگ رچائي

1

اهڙا ڍنگ ڍنگي واسينگ ونگي ڪري بيک بيحد عجب رنگ رنگي

سر سوريءَ تنگي تو منصور مارائي.

2

اهڙي رمز رائي وڏو گهوٽ گهائي عقل هوڏ هستي ماريا محب مائي

ڪيئي عاشق آئي تو ڪربل کهائي

3

ڪيا نينهن نانگا چڙيون سر جا سانگا هٿي نينهن نعرا لنگهيا لڪ لانگها

بار ڪئي بانڪا ويا سرڙا سهائي

4

مشاقن ازل ڪان ڪيا قول ڪيئي پسي مهٺي مورت سرها ٿيا سيٺي

سر صدقو ڏيئي ويا رمزون رلائي

5

پيهي پاڻ ۾ جن پريل پاتي جهاتي پائي ديد دروني ڏنئون عين ذاتي

ڏنئون ڪنڌ ڪاتي ويا هوڪا هلائي.

Scanned with CamScanner

ڪافي (20)

برھ سندو مون کي باب ميان صورت سهڻي، آ سمجهايو

1

اڳ نہ واقف ان ڪان ميان لڳڙو نينهن نواب ريهي رمزن سان ريجهايو

2

آيو عشق اندر پرميان حب وڄايو حجاب ميان لالن جڏھن ليڪڙو پايو

3

علم عقل ڪان آجو ٿي ميان رهيو نہ ڪوئي حساب ميان محبت من پر مچڙو مچايو

4

الست وارو آواز هڏي ميان روح وڄايو رباب سڪ وارن ڪئي سيس نوالو

5

پريل پنهنجي پاڻ کي پاڙڻ السٽي اسباب ميان عشق اسان جي اڳڻ تي آيو

ڪافي (21)

اهو ڇڏ خودي، جو خيال ميان ڇا ڪهڙو آ تنهنجو حال ميان

1

خاڪي آهين خاڪ ۾ ويندين، هستي، هوڏ مان ڪجهه نه وٺيندين
لي، نام ۾ ڪين نهال ميان.

2

مراتڙ واري، مام ۾ رهه تون، سور ۽ سختيون سر تي سهه تون
جيئن ياد ڪرين پيمال ميان

3

[illegible] خرقا پوتيون پائين شيخي، خاطر بيک بنائين
[illegible] ڪم نه ايندئي تال ميان

4

[illegible] [illegible] ڪين ڪمائج هستي هوڏ غير وڃائج
[illegible] لاهوتي ٿئين لال ميان

5

پريل پنهنجي پاڻ مان پس تون لاسان لاهج قلب جي ڪس تون
[illegible] جودون ماڻي جمال ميان.

Scanned with CamScanner

ڪافي سر لوڙائو (22)

رانجهن رنگ پور آيو محبت جون جهن مرليون وڄايون

1

ساز سکي ڏا ٻس ٿوائن غازن سرڙو ڳوايو
ڪوڏئون ويندا ڪنڌڙو ڪپايون

2

جوت جمالي وصالي صورت سير ڪرايو
ڏيڏن ڏيهيون گهورن سان گهايون

3

موج ملامت عشق امانت نانگن نينهن نچايو
نينهن جون نوڪان آهن نياريون

4

دم هٿي پره دم ٻر دم ٿيا سولي، سرڙو چڙهايو
سوز جون پي وپا سرڪيون سوايون

5

جوڳي، جاني، جڳت جوڙي هردي هل هلايو
پنهنجو پاڻ ٻر ڏا پريل پايون.

Scanned with CamScanner

ڪافي سر تلنگ (23)

هر ويلي ۾ هادي هر جاءِ هيڻن جو همراهه تون

1

اوکيءِ ساٿي تون ئي سچڻا راهگيرن جو راز تون
مهر ڪرين پڻ معذورن تي سنجهي ۽ صباح تون

2

سڀئي عاصي تون اڪارين آقا پڻ احسان سين
سڀئي سائل تون سچالين ننگي آن ننگپال تون

3

سوين نالا تو سنايا ملڪ ۾ ڪنهن مام سان
سڀئي صفتون تو سنديون آن پڻ شهنشاهه تون

4

لکين گداگر تنهنجي در جا پريل ۾ پينار تو
ڪمي تو در ڪائي ڪانهي آهين بي پرواهه تون.

ڪافي تلنگ (24)

نڪو قاضي ڪتاب
عشق ئي آيو استاد اسان جو

1

عشق الستي اهڙو آيو نينهن جو نقطو پرتئون پڙهايو
حد نه ڪوئي حساب

2

لوڪ ملامت سر تي سٺائون
لاحد لدني نڌهن پڙهيائون
برهه وارو هڪو باب

3

صورت سجدو سير اسان جو
حال بجائي ڪبر اسان جو
عالم زهد ذهاد

4

روزا نمازون نفل نسبا
عشق بنان سب ڪرڙا ڪسا
جا جو ذره ثواب

5

دم دم ديرو دلبر وارو
ڪعبو قدسي سر آ سارو
آدم اسباب.

Scanned with CamScanner

ڪافي سر سهڻي (25)

ازلي آئي عشاقن ڏي الفي عشق انعام ميان
الفي عشق انعام ميان نينهن وارن جو نشان ميان

1

سوره سر سينگاري هليا رندي رمز ۾ روحي رليا
گل ۾ ڳانا لوهوء لڙهيا قرب ڪولاب ڪلام ميان

2

مک ۾ مرليون ڪن ۾ ڪنڊيل محبت جائن من ۾ منبل
بيرنگي تن بره جا بندل آڌرتين انجام ميان

3

بي خوديء جون جي ڪن ٻاتيون حد لاحد جون سي ڪن لاتيون
ڏيل ڏندي سان مرڏيء ماتيون اوڏو نہ ٿين عام ميان

4

ڪمند ڪنا من ۾مٺيان جوڳين جيء اندر جٺيان
ويراڳين ڪي واه جو وٺيان طالب طلب تمام ميان

5

ناد نفيلان عشق اليلان نانگن نظريون نينهن جون نيلان
صوفي صاف ڇڏ تو دليلان ٻُڌيء پريم پيام ميان.

Scanned with CamScanner

ڪافي (26)

ورهيڄن سان وس ناهي منهنجو حجت ڪهڙي هلان
حجت ڪهڙي هلان ڪنهن پر سرور سلان

1

ڪرڙي ڪاٽياري آهيان مان ڪهڙي پت پنهوارن سان پاڙيان مان
روئي راهون روز نهاريان مان پر پانڌيڙو ڪو شال پسان

2

جهڙي تهڙي مان آهيان انهن جي ڪين ڇڏيندا ڪنڌهن پنهنجي
ڏار نه ٿي شال هن پر ڪنهن جي روهي وڻي رڻان

3

مون کي مارن مهارون مارن ٿيون ڳڻ ڳالهيون تن جون ڳارن ٿيون
سينو ساهه اندر منهنجو ساڙن ٿيون ڪهڙي منهن مارن سان ملان

4

پريل پت پر جيڪي رهنديون سرتيون سٽ پر سيئي سهنديون
ڪرهيون پيون ڪانڌ قرب لاءِ ڪوهنديون جيئن آءٌ ٿي پٽي جلان.

ڪافي (27)

ڪجھ نہ ڪنان ٿي نہ ڪمايو اٿم سارو وقت هنان تہ وڃايو اٿم

1

مرم انهيءَ ڀر ماري آهيان ڀاند ڪجهہ ڳل پايو اٿم

2

اڻ ڪٿ عيب ڳڻ ڪان ٻاهر ڪڍھن ڪوڙ حياءُ ڪر آيو اٿم

3

حال هيڻي حاضر حبيبا دلبر دل جو ٻڌايو اٿم

4

هت هُت حامي تون آن منهنجو اوڙهہ آسرو آيو اٿم

5

ٻاجھ ٻاروچي ڪي ڀريل ڀوندي جنهن جي قرب ڪرم جو سايو اٿم.

Scanned with CamScanner

ڪافي (28)

عاشق آ سدا انتظار ۾
عاصي، جون عيدون ٿينديون دلبر جي ديدار

1

ٻاهه برهه جي ڀڙڪا ڏئي ٿي ساڻول تنهنجي سڪ ۾
آتش عشق آنهه ڪيو جذهن ٿيڪرو پاتش لڪ ۾
ٻلٻل آهيان پيارل تو ٻجار ۾

2

محفل تنهنجي محب مٺا ساهه منهنجو ٿو ساري
جيتر پسان پرين مان توکي تيتر مون نه ماري
ڪونه پاڻيان ٿو پيو ڪو هن سنسار ۾

3

هت مان سهڻا توکانسواءِ گهنگهر ۾ مان گهاريان
پارس پرين ڪو قرب ڪري اڄ نه جان جڏهن ڪي جياريان
وارث آهيان تنهنجي وصل ويچار ۾

4

پارت توکي پيارا پريل جي پياسي اکيون پرتو
دستگير ڪي ڏيو دلاسو قرب ڪوهيارا ڪر ڪو
اجهڻ ۾ آ عاصي تو آذار ۾

ڪافي (29)

عمر ڪر نہ ايذيون ڏکي سان ڏنگايون
پون ياد پلپل وڙهيچن جون وايون

1

آهيان آءُ انهن جي ڪن شال پنهنجي
وڃي پٽ پنهوارين ٿيان سانگ سهنجي
ملي شال مارن سان گڏ گونددر گنوليون

2

ڪري ڏاڍ ڏاڍا بند ڪيئي باندي
سواءِ هت مارن جي مٽي آهي ماندي
الله ڪري شل ڏسان پٽ پنهواريون

3

مارون مير منهنجا سهڻا سياڻا
ڪنهن جي غرض گويا نہ آهن اباڻا
تن جون من کي ڳارن ٿيون ڳالهيون.

Scanned with CamScanner

ڪافي سر پيلو (30)

اٿ طالب توحيد اها ڪر
موڙيءَ کي تون مار ووبار

1

جا هئين جا هت لئي آئين ڪهڙي ملي تو ڪار ووبار

2

ورد وظائف ڪيئي ڪرين ٿو پنهنجو اندر اجار ووبار

3

ڪثرت مان وري وحدت ڪر تون اهڙي سرت سنهار ووبار

4

ونحن اقرب تنهنجو تو سان وٺي نه بي ڪار وار ووبار

5

پريل پنهنجو پاڻ پروڙي اهڙي پرت سان پاڙ ووبار

ڪافي (31)

هر دم توسان هادي حامي آهي شهنشاهه ميان الله ميان

ڪثرت قرب مان ڪو ڏٺون ڪاهي رندانو پس راهه ميان الله ميان

هردي اندر هو هو بولي من ماڻج ماهه ميان الله ميان

پڪي پريت پرين سان پاڙي وحدت حق ويساهه ميان الله ميان

بيرنگيءَ ۾ رنگ ڪري ڄاڻين صورت ساهه پساهه ميان الله ميان

سر جو صوفي ساهه سريءَ ۾ هادي دم همراهه ميان الله ميان.

Scanned with CamScanner

ڪافي (32)

جو تو عمر ادا تون اڄائين
نئو مارن سان مون ڪي ملائين

1

زوريءَ ظلم ڪري هت تو آندو
من مارن بنان آهي ماندو
جو تو سانگين ڪان مون ڪي سڪائين

2

قيدي قسمت مون ڪي آ ڪرايو
بيوس باندي جنهين آ بنايو
ڪيڏا قادر تو کهوا ڪرائين

3

تون نه پاءِ عمر منهنجو آهين
جو تو سينو ستم سان تون ساهين
نئو وهم پنهنجي ڪي هٿائين

4

ڪاڻ پهرڻ نئو وٺي ڪوڙي
مان نه ڪين لحائيندس لوئي
جو تو ڏڪا ڏئي تون ڏہائين

5

پريل پياس اندر جي تني پوري
ڏسان مارون اکين سان ملير
الله اوڏانهن شال اماڻين

سهيڙيندڙ حاجي فقير عبدالحميد سومرو درازي

ڪافي (33)

صاندي ملير ڏي ويندي وڃي مارن ملندي
وڃي مارن ملندي سارو سور سلندي

ٻند ٻر ٻنڌيائي نڪو سائي سانگيائي
ڏسي لوئي اباڻي منهنجي مري جيئندي.

لاڏو (34)

اڳي جا احسان انواري آ ارشاد جي

1

مرشد مک جو روشن چهرو گل گلابي گيڙو گهرو
سارنگ ڪيا سبحان سرداري آ ستار جي

2

سهڻي سائينءَ جي آئي سواري سڀ فقر ۾ آئي بهاري
روشن ٿيا شمعدان اظهاري شمشاد جي

3

سر سهڻي جي سهرا سونهن عجب نظارا من کي موهن
راضي ٿيو رحمان دلداري آ دلشاد جي

4

عشق عطا ۾ الله سمايو سهڻي ملائڪن سرڙو نرايو
موهيا محبوب مستان مهداري آ مهدار جي

5

محبت موج محفل ملهايون هردي هاديءَ جو هل هلايون
پريل پرير پيمان حبداري حبدار جي

Scanned with CamScanner

السلام عليڪم ورحمة الله وبرڪاته

دوستن کي عرض آهي هن ڪتاب
جا موڪلي ايترا صفحا مليا هئا
ان ڪري جيڪي مليا اهي
PDF ڪري مناسب سمجهيم
مونکي اهو پتو پيو هو ته ڪُل
چوڏهن ڪلام مڪمل آهن
مگر پنج ۽ ڇهه نمبر ڪلام
مِس ٿيل آهن والله اعلم